ڊاڪٽر نواب ڪاڪا
[ اسسٽنٽ پروفيسر /ڊائريڪٽر (انچارج) قليچ چيئر، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو]

# 1942ع کان 1947ع تائين جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا اهم مجموعا: هڪ اڀياس

# Analytical discourse on important anthologies of modern Sindhi short stories from 1942 -1947

**Abstract:**

*Sindhi short stories had its genesis in 1914; the most remarkable was "Ado Abdul Rahman" by Amar Lal Hingorani written in 1930.Some books of Sindhi short stories were published in 1932, though later in 1942, Sindhi writers realistically depicted socio- political conditions like Quit India Movement and tense Hindu-Muslim relations. These writers tried to write about communal harmony and also preached sectarian unity and peace. Imperial role of the British colonial masters was exposed along with those of the capitalist exploiters and irascible feudal. Post World War Two calamities with economic and societal disasters caught short story writers' imagination and it resulted in a social awareness verging on nationalistic crusade via the power of pen. Proliferation of the printing press and publishers led to many great anthologies of short stories, the names thereof are mentioned in the article. A critical historical discourse brings back a nascent conscientious literary era. Now the present times need similar response as well.*

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ارتقائي سفر 1914ع ۾ لال چند امرڏني مل جي ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڪهاڻي ’شريف بيگم‘ کان شروع ٿيو جيڪو پختي صورت ۾ 1930ع ۾امر لعل هنگوراڻيءَ جي ”ڦلواڙي“ مخزن ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. وڌي ڳالهه ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي هن سفر ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد سنڌ جي 1914ع جنوري کان جاري ٿيندڙامر لعل ’ساقي‘ جي رسالي ’ڦلواري‘ ۽ ماهوار رسالي، بولچند راجپال جي ’سنڌو‘ رسالي (1932)جديد ڪهاڻيءَ جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. 1942ع کان اڳ

جي مجموعن ۾ ’چمڙا پوش جون آکاڻيون‘، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي 1923ع ، لطف الله بدوي جو ’دستہ گل‘ 1930ع، عثمان علي انصاريءَ جو ’پنج‘ 1937، ’جيوت پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون‘ آسانند مامتوراءِ 1939ع، اهم آهن. ياد رهي تہ سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ترجمي جي ذريعي ٿي، ترجمي ذريعي جن ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي وئي انهن جا اڪثر موضوع ڌرمي، اخلاقي ۽ سماجي سڌاري بابت هئا، جن جو اثر گهڻي عرصي تائين طبعزاد ڪهاڻيڪارن تي بہ رهيو. انهن موضوعن ۾ دولت جي لالچ، گهريلو مسئلا، ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ جي وڏي عمر واري مرد سان شادي، ڪٿي عورت جي ٻار سان شادي، يعني ٻي جوڙ شاديون وغيره نمايان موضوع هئا.

انهيءَ دور ۾ ڪهاڻيءَ جو پس منظر ۽ موضوع: اخلاقي، سماجي، معاشي ۽ تاريخي رهيو. جنهن ۾ حقيقت نگاري بہ شامل هئي، بعد ۾ يعني 1936ع ڌاري هندستان ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر، سنڌي ڪهاڻي تي پيو. عالمي جنگين، هندوستان جي آزادي، جاگيردار ۽ سرمائيدارن جي ظلم، سماجي اڻ برابري ۽ ٻين اهڙن موضوعن ڪي ڪهاڻيءَ ۾ آندو ويو سياسي، سماجي، قومي، معاشي ۽ فڪري سجاڳيءَ جهڙن موضوعن کي ڪهاڻين ۾ پيش ڪرڻ جي شروعات ٿي.

”هن دؤر جو پهريون مجموعو هو ’سَرد آهون‘ جو 1942ع ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر (شڪارپور) پاران ڇپيو هو. جنهن ۾ آکاڻيون ان منڊل جي بانيڪار گوبند پنجابيءَ جون لکيل هيون، هن ۾ پورهيتن ۽ عام ماڻهن جي سَرد آهُن جو بيان ڪيل هو ۽ سرمائيدار سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي للڪار پريل هئي“. (1)

’سَرد آهون‘ مجموعي ۾ ڪهاڻيڪار جو انداز هڪ مبلغ وارو آهي، هڪ ئي فڪر آهي جي تسلسل ۾ لکيل آهن، اهو حالتن جي تناظر ۾ پيش ڪيو ويو جيئن هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ گوبند پاڻ لکي ٿو:

”آئون جيڪي ڪي ڏسي سگهيو آهيان ۽ جيڪي محسوس ڪيو اٿم، اهو هن ننڍي ڪتابڙي ۾ افسانن جي صورت ۾ لکيو اٿم، هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي، تنهن ڪري لکڻي وغيره جي ڪمي بيشيءَ کي نظر انداز ڪيو وڃي.“(2)

مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻيون، فڪري حالتن جي پيداوار آهن، جتي حالتون انتها کي پهچن ٿيون، اتي ڪي ڏاها ۽ مفڪر حالتن جي پيش نظر نجات لاءِ ڪي نڪتا پيش ڪن ٿا، جيڪي اڳتي هلي فڪري تحريڪن ۽ نظرين جي صورت ۾ دنيا

جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. هنن ڪهاڻين ۾ بہ اهڙو عالمي فڪر آهي، جيڪو سماج ڪي غربت، بدحالي ۽ اوچ نيچ جي تفاوت مان ڪڍي سگهي. هن مجموعي ۾ ڪل ست ڪهاڻيون آهن. (1) آزاديءَ جو جذبو (2) ايڪتا (3) سَرد آهُون (4) چور (5)ڪفن (6) بي اي_ايل ايل بي ۽ (7) اتو ۽ لتو.

مجموعي جي پهرين ڪهاڻي 'آزاديءَ جو جذبو' ۾ ليکڪ مختلف سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي ملڪي حالت ۽ آزادي حاصل ڪرڻ بابت ويچار پيش ڪيا آهن. مٿيون طبقو عياشين ۾ ايترو مشغول آهي، جو هنن کي قومي تحريڪون ۽ آزادي بلڪل فضول ٿي نظر اچي، غريبن جي تعليم، سماجي شعور ۽ بيداريءَ کي هي چڱو نٿا سمجهن. ڪو ڪين سمجهائي تہ هنن وٽ پنهنجا دليل آهن. ڪن کي عالمي جنگ ۾ هٽلر جي ڪردار تي ڪجهہ ڳڻتي ۽ ناراضگي آهي، پر پنهنجي ديس جي غلاميءَ جي پرواهہ ناهي. اهڙن گهراڻن جي نوجوانن جو بہ ساڳيو حال آهي. هنن کي پنهنجي عياشي ۽ مزي جو فڪر آهي. جيڪڏهن ڪو ڪين سماجي حالتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ شعور حاصل ڪرڻ لاءِ معياري ادب پڙهڻ جو چوي تہ هي جواب ڏين ٿا:

> ”پلا تڏهن ڇا؟ آئون بہ تو وانگر صبح جو اٿي خشڪ راجنيتي، ڪميونزم، سوشلزم، فيسزم، مارڪسزم، هٽلر ۽ گانڌي ازم پڙهي پنهنجو دماغ خراب ڪريان.“(3)

عوامي ادب ۽ عالمي نظرين، تحريڪن ۽ حالتن کان ڄاڻ حاصل ڪرڻ کي هو دماغ کي خراب ڪرڻ سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هو ڪل وقت سڪون ۾ رهن ٿا، کين هر شيءِ ميسر آهي. ائين ليکڪ هر طبقي جي ماڻهن جا ويچار ۽ سڄاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف ڪردارن ذريعي هڪڙو پيغام ڏنو آهي. 'ايڪتا' ڪهاڻي ۾ موهن ۽ رحيم ڪردارن ذريعي اتحاد وارو پيغام ڏنل آهي. جنهن ۾ ٻنهي ڌرمن جي ماڻهن ۾ موجود اوڻاين تان پردو کنيو ويو آهي ۽ مهاتما گانڌي ۽ ٻين مسلمان اڳواڻن جي ڪن فضول عملن کي پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت سرمائيدار ۽ جاگيردار جنهن جو ڪهڙو بہ مذهب هجي_ انسان کي لٽڻ مهل هو هڪ جهڙو آهي. ان مهل ڪيس ڌرم ۽ اصول وسري ٿا وڃن. ٻنهي مذهبن جي وچ ۾ تفاوت کي ختم ڪرڻ ۽ اتحاد پيدا ڪري آزادي، امن ۽ ترقي ڪرڻ جي حقيقت بيان ڪئي ويئي آهي. انهن مان سوشلسٽ فڪر نمايان ٿئي ٿو.

ڪهاڻي ’سَرد آهُون‘ ۾ ڪردار بک، بدحالي ۽ بيماريءَ ۾ تڙپندي ڏيکاريا ويا آهن، ننڍڙو عمر دوائن ۽ صحيح علاج نہ ٿيڻ ڪري مري ٿو وڃي. ڀهراڙيءَ جون عورتون پري کان محنت ڪري وڏيون ۽ ڳريون ڪاٺين جون ڀريون شهر ۾ وڪري لاءِ کڻي ٿيون اچن، سندس بدحالي ۽ بيوسي ڏيکاري وئي آهي. غربت ۽ مهانگائيءَ سبب مرد، عورتون ۽ ٻار سڀ مصيبتون ڀوڳين ٿا. ڪهاڻي ’چور‘ ۾ نوجوان غربت بيروزگاري کان پريشان ٿي پنهنجي پاءُ پيٽ جي ماني خاطر هڪ عبادت گاهہ اڳيان جوتا چوري ڪري ٿو. ڪيس پڪڙي سخت مار ڪٽ ۽ تشدد بعد منهن تي ڪارَٺ ملي سڄي شهر ۾ گهمايو ٿو وڃي، ٻئي طرف غريبن کي ڦريندڙ لٽيندڙ عام بازارن ۾ ڏينهن ڏٺي جو بي ايماني ڪندڙ آزاد وڃنا آهن، سماج جي امير ڪردارن ۽ واپارين جي بيحسي جي چڱي تصوير آهي. واضع رهي تہ ورهاڱي بعد هن ساڳئي موضوع تي جمال ابڙي ’منهن ڪارو‘ ڪهاڻي لکي آهي. ’ڪفن ڪهاڻيءَ‘ ۾ گانڌي ۽ ٻين اڳواڻن پاران ’هريجن هلچل‘ ذريعي ڏنل قرض ۽ وياج جي وصوليءَ سبب عام ڀنگي بہ ايترو متاثر ٿئي ٿو جو مرڻ کان پوءِ ايترو گهر ۾ نہ اٿس جو ڪيس ڪفن ڏئي مساڻ ۾ کڻي وڃن ۽ گهر ۾ فاقا اٿن. پاڻ بہ مقروض هو، پويان اولاد لاءِ بہ قرض ڇڏي ويو. سرمائيدارانہ نظام ۾ غربت، بک ۽ بدحالي نسل درنسل منتقل ٿيندي پئي اچي.

’بي اي، ايل ايل بي‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ امير گهراڻي جي نوجوان هرپال بي اي ڪرڻ بعد ايل ايل بي ڪري وڪالت ڪري ٿو ايمانداري سبب اتي ناڪام ٿئي ٿو، ڪاروبار ڪري وڏو واپاري ٿي وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار، اميرن جي تعيلم کان پوءِ ڪمائڻ طرف اچڻ واري سوچ کي ظاهر ڪيو آهي، سماج کي هو وقت نٽا ڏين، سندس سچائي پنهنجي پاڻ لاءِ آهي، ڪهاڻي ’اٽو ۽ لٽو‘ ساڳي تسلسل ۾ لکيل مجموعي جي آخري ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪانگريس جي اڳواڻن توڙي ٻين نام نهاد سماجي اڳواڻن جون اٽي جي مهانگائي ۽ ڪپڙي جي کوٽ بابت هڪ بحث شروع ٿئي ٿو ڪجهہ ماڻهو مهاڀاري لڙائي کي سبب ڄاڻائين ٿا تہ ڪي وري ذخيرو ڪندڙ واپارين جو حوالو ڏين ٿا. هوڏانهن ڪانگريس آفيس ۾ ڪم ڪندڙ پٽيوالو بہ بدحالي جو شڪار آهي، جيڪو نوڪري ڇڏي ٻيو ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو.

سڄي مجموعي ۾ نہ فقط سماجي اوڻاين ۽ مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي پر انهن جو حل بہ ٻڌايو ويو آهي، آدرشي، سچار ۽ سجاڳ ڪندڙ ڪردار بہ آهن، جيڪي آزادي ۽ سماجي اڻ برابري ۽ سرمائيدارن جي ظلم خلاف آواز اٿاريندا رهيا آهن، مسئلن جو حل، سماجي شعور، جمهوريت ۽ انقلاب بابت ڄاڻ حاصل ڪري

قومي اتحاد ذريعي غلاميءَ مان نجات وٺي آزاديءَ سان ملڪ ۾ پنهنجي مرضيءَ جو عوامي نظام لاڳو ڪرڻ ۾ ئي آهي، هر طبقي ۽ قسم جا ڪردار گوبند پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندا آهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ ذريعي ترقي پسند فڪر کي عام ڪرڻ ۽ سماجي اوڻاين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهاڻين جو اهم مجموعو آهي ”ريگستاني ڦول“. جيڪو ڪراچي مان نئين دنيا ڪتاب گهر وارن شايع ڪيو. غلام رباني آگرو ترقي پسند تحريڪ جي سنڌي ادب تي اثر جي حوالي سان، هن مجموعي کي اها پهرين ڪوشش سڏي ٿو جنهن ذريعي ترقي پسند فڪر جو ٻين صنفن تي به اثر پيو. هو صاحب لکي ٿو:

”سنڌي ترقي پسند ادب جو پهريون پهريون ڪتاب ’ريگستاني ڦول‘ هو جيڪو سنڌي اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو هو. منجهس سڀ ڪهاڻيون سنڌي هندو ليکڪن جون هيون“.(4)

حقيقت ۾ پهريون ترقي پسند ڪهاڻين جو مجموعو سرد آهون (1942ع) آهي، جنهن ۾ باقاعده طبقاتي ۽ سرمائيدارانه نظام تي چوٽ ڪيل آهي. ريگستاني ڦول 1944ع ۾ بعد ۾ شايع ٿيو آهي. ٻنهي ۾ ڪهاڻين جو موضوع مقامي ۽ بين الاقوامي تناظر ۾ سماجي حالتن جو جائزو شامل آهي. رباني صاحب پهريون ترقي پسند مجموعو ڪهڙي بنياد تي هن مجموعي کي قرار ڏنو آهي پر ان جي هُن وضاحت نه ڪئي آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جديد فڪر ته 1930ع کان شروع ٿي چڪو هو ,مجموعا به شايع ٿي چڪا هئا. آگرو صاحب سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۽ ترقي پسند فڪرجي شروعات جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ بابت ڪوبه تاريخي حوالو نٿو ڏئي، نه ئي هن مجموعي بابت ٻئي ڪنهن محقق اهڙي راءِ ناهي ڏني. هن مجموعي کي ترتيب ڏيندڙ گوبند مالهي آهي. مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”اسين پهريون ڀيرو همت ڪري ريگستاني ڦول پيش ٿا ڪريون جنهن جي سڳنڌ بوستاني گلن (رببين پر انتن جي اديبن) کان گهٽ گهٽ نه آهي.“(5)

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ”جعفر بيلدار“ آهي، ليکڪ رام امر لعل پنجواڻي آهي، جيڪو سنڌي ٻولي جو مشهور ڪهاڻيڪار آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ بالا عملدارن جي بيحسي ۽ پنهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ ننڍن ملازمن کي بيگر ۾ وهائڻ واري تصوير پيش ڪيل آهي. جعفر کي زبردستي انجنيئر صاحب جي پُٽ جي شاديءَ ۾ ڪم ۾ وهايو ويو گهر ۾ سندس گهرواريءَ کي ويم جا سورَ هئا، جيڪا

تڙپي تڙپي هڪ مئل ٻار کي جنم ڏئي پاڻ بہ ابدي ننڊ سمهي چڪي هئي، هيڏانهن گهر ۾ ماتم، هوڏانهن صاحب جي گهر ۾ شادمانا خوشيون! طبقاتي فرق سبب انسان کي انسان رهڻ نہ ڏنو ويو. ٻي ڪهاڻي آنند گولاڻيءَ جي ’سڱ‘ نالي سان آهي، نبو پنجونجاهہ سالن جو ڏيءَ جو سڱ ڏيئي ڏهن ورهين جي ڏاڏوءَ سان شادي ڪري ٿو. شاديءَ رات کان وٺي ڇوڪريءَ تي ظلم شروع ٿيو اجا نابالغ ۽ ٻار هئي، جڏهن ڏاڏو جوان ٿي تہ نبو ڪراڙو ٿي چڪو هو. هن صادق سان رستو رکيو. ائين هڪ ڏينهن نبو ٻنهي کي گڏ ڏسي ڏڪ هڻي ماري وڌو ۽ پاڻ بہ ٻن خونن جي ڪيس ۾ ڦاهيءَ چڙهيو.

هن موضوع تي ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي ۽ لالچند امر ڏنو مل لکي چڪا آهن. بهرحال ڄاڻايل ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار ٻوليءَ ۽ اسلوب، سماجي ماحول جي پيش نظر بهترين آهي. ’معصوم محبت‘ ڪهاڻي رميش چندر جي لکيل آهي، ڪهاڻي خطن ۾ آهي، رميش هڪ شادي شده نوجوان ۽ گنگا هڪ معصوم محبت ڪندڙ ڪردار آهي، جيڪا محبت ڀريا احساس آهن جن ۾ سدائين زماني جو خوف ۽ خطرو رهي ٿو. ’ساڙهي‘ ڪهاڻي ڀڳوان لالواڻيءَ جي آهي، جنهن کي ٻي عالمي جنگ دؤران غربت ۽ ڪپڙي جي کوٽ جو درد ناڪ داستان آهي، بملا پنجاهہ ماڻهن کان پوءِ قطار ۾ بيٺل هئي، جڏهن سندس وارو آيو تہ مٿي چڙهي هڪ هٿ سان پئسا ڏنائين ۽ ٻئي هٿ سان نئين ساڙهي ٿي ورتائين تہ جسم تي ويڙهيل سڙيل ڇتيون لڳل ڪپڙو جنهن کي هٿن سان جهلي بيٺي هئي، هٿ نڪرڻ سان اهو لهي چڪو هو. عالمي جنگ دوران هر شيءِ جي کوٽ عام غريبن ۾ وڌندي پئي وئي. ’ڏاڙيل‘ ڪهاڻي نارائڻ ڏيوناڻيءَ جي لکيل آهي، مراد وڏيري جي ڇيڙ تي نہ وجي سگهيو. انهيءَ ڏوهہ ۾ ڪيس ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي جيل موڪليو ويو. سزاختم ٿيڻ بعد گهر ويران ڏٺائين، ماءُ مري وئي، ڀيڻ ڪنهن مائٽ ڏي رهي پئي، مراد ڏاڙيل بڻيو ۽ وجي وڏيري کي ماريائين. هونئن بہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڏاڙيل جو ساڳيو ڪردار آهي، هڪ عام پورهيت کي ڏاڙيل بڻائڻ وارو سيني ڪهاڻين ۾ وڏيرو آهي، ظلم ۽ تشدد کان تنگ اچي ٻي واٽ نہ ڏسي نيٺ بغاوت ڪن ٿا. عدالت ۽ پوليس وڏيري سان گڏ آهي.

’مڇن واري دادي‘ ڪهاڻي، جيوت جي مشهور ڪهاڻي آهي، ڪردار قدرت جي هڪ ڏنل عيب جي ڪري سماج ۾ اڪيلو ٿي وڃي ٿو. دروپدي کي قدرت مڇون ڏئي ڇڏيون، اسڪول ۾ پڙهائڻ دوران ڇوڪريون مذاق ڪن ۽ گهر ۾ بہ ڪير دلچسپي نہ وٺي، رشتو اچڻو هوس، ان لاءِ ماءُ ۽ پيائرن کيس مڇون ڪوڙڻ لاءِ شيو ڪرڻ جو سامان ڏنو. کيس ڇيو ويو تہ مڇون صاف ڪري اچي تہ جيئن هنن کي

خبر نہ پئي. پر دروپدي جي سوچ بہ واٽي تي بيٺي هئي، هڪ تہ مُڇون ڪُوڙي هنن جي سامهون وجان، من قبول پوان. يا وري شادي کان پوءِ جڏهن پيهر مڇون نڪتيون تہ زندگي ڪهڙين اذيتن ۾ اچي ويندي. اهڙي فريبي زندگي کان کيس نفرت ٿي، پنهنجي آزادي ۽ جهڙو حال هو اهو ئي کيس سڪون ڏئي ٿو آرسي دريءَ مان ڦٽي ڪري ريزر ٽيبل تي ڇڏي گهران هلي وئي، اها ڪهاڻي پنهنجي منفرد ڪردار جي ڪري متاثر ڪندڙ آهي.

’آکيري جو ڏُـتڻ‘ ڪهاڻي سوپي گيانچنداڻي جي لکيل آهي، ڳوٺ ۾ گڏ رهندڙ هندو ۽ مسلمان چورين ۽ ڌاڙيلن جي ڪري آکيرو جهڙو ڳوٺ ٽوڙي شهري ڳتيل آباديءَ ڏانهن رخ ڪن ٿا، جيڪا ڳالهہ ورهاڱي جو علامتي اظهار آهي.’ پڳل دل‘ ڪهاڻي ليلي چنداڻيءَ جي لکيل آهي. اها ڪهاڻي ٻن محبت ڪندڙ ڪردارن جي مجبوريءَ جو داستان آهي، ارمي ۽ ڪانڌُ چاهڻ باوجود شادي نہ ڪري سگهيا، سندن محبت سماج قبول نہ ڪئي، ارميءَ جي شاديءَ تي ڪانڌُ ٻي وسيءَ جا ڳوڙها ڳاڙيا.

’قاتل ڪير‘ ڪشن مسرور جي لکيل آهي، ڪهاڻي ۾ ڏاڍي ڪردار جي اڳيان هيڻن جي بي وسي ظاهر ڪيل آهي. گلڻ هاري پنهنجي ڌيءَ عذرا جي شادي پاڻ سان گڏ رهندڙ اظهر سان ڪرڻ چاهي ٿو عذرا زميندار جي پٽ کي پسند اچي وئي، زميندار گُهر ڪئي، ڪردار ايترو بيوس ۽ زميندار جي خوف ۽ حراس ۾ ورتل هئا، جو ٽنهي اجتماعي خودڪشي ڪري ڇڏي. ڪهاڻيڪار اهو آواز اٿاري ٿو تہ قاتل ڪير آهي. قاتل جو ڪردار سيني جي سامهون پڌرو ٿئي ٿو. ’ڌنڌلي تصوير‘ ڪهاڻي مشهور ڪهاڻيڪار ڪرشن کٽواڻيءَ جي لکيل آهي. هي ٻن محبت ڪندڙ ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، يادن جي ڌنڌلي تصوير ۾ حسين نظارا، بنسري جو وڻندڙ آواز، اُما جي ياد. شهر جي ڇوڪري ۽ ڳوناڻو نوجوان پڙهائي دوران محبت ڪن ٿا، پر شادي نہ ٿي سگهي، ڪردار سماجي قاعدن اڳيان بيوس آهن، فطرت ۾ آزادي ۽ حسن آهي.

’بہ واٽون‘ ڪهاڻي موهني چنديراماڻيءَ جي لکيل آهي، هيءَ ڪهاڻي هڪ سماجواد نوجوان جي ڪردار جي ڪهاڻي آهي. رام جو ڏاڏو کيس ڊاڪٽر بڻائڻ چاهي ٿو هر طرح سان کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر رام سماجي ڪارڪن ۽ انقلابي راهہ تي هلڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو هو چندرا کي بہ رام پنهنجي مقصد کان آگاهہ ڪري ڇڏيو پر هن بہ ساٿ نہ ڏنو جيلن ۾ بہ ويو پر پنهنجي روشن خيال فڪر ۽ عمل تي مستقل مزاجيءَ سان قائم رهيو. ترقي پسند فڪر جو پرچار ڪندڙ ڪردار آهي. ’رحيما‘ ڪهاڻي شيخ عبدالستار جي لکيل

آهي، بي جوڙ شادي، دولت جي لالچ ۾ ويهارڻ نيٺ پنهنجي خاندان ۾ ننڍي عمر جي ٻار سان رحيما جي شادي ڪرائي وئي. رحيما پاڙي ۾ رهندڙ ايوب ڪنڀر جي نوجوان وجود ڏانهن ڇڪجي آئي، ايوب کي جيل موڪليو ويو، رحيما گهران نڪري ويئي، هڪ مهاڻي سان وڃي شادي ڪيائين، آخر هڪ ڳوٺاڻي ڪيس بازار حسن ۾ وڪڻي ڏنو، عورت جي بي وسي، ڪردار جي پنهنجي محرومين کي ختم ڪرڻ لاءِ ورتل غلط واٽ ڪيس رلائي ڇڏيو. هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي گوبند مالهي جي’همدرديءَ جو احساس‘ نالي سان آهي، ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌيءَ موهني پاڙيوارن جي هڪ نوڪر نارؤ سان لاڳاپا رکڻ سبب پيٽ سان ٿي پئي، ماءُ پيءُ پريشان ٿي پيا، ذلت جو احساس اجا وڌيڪ ان ڪري ٿين جو هڪ نوڪر سان تعلق رکيو هئائين، ڪراچي وڃي وڃي سندس ٻار ڪيرائڻ چاهين ٿا. موهني ڪيترن ئي احساسن ۾ وڪوڙيل نيٺي جيٺي پل تان پاڻ اڇلائي ٿي، ليڪڪ ٻڌائي ٿو تہ ان کان اڳ موهني پاڻ لاءِ همدرديءَ جو احساس پيدا ڪري چڪي هئي. مجموعي ۾ گهڻا ليڪڪ نوان آهن، سندن شروعاتي ڪوششون آهن، پر حقيقت پسندي ۽ ادب ۾ نون موضوعن ۽ لاڙن کي روشناس ڪرائيندڙ آهن.

ڪهاڻيءَ ۾ موضوعن ۽ ڪردارن جي عمل کي وسعت آهي، سماجي انقلاب ۽ تبديلي عملي طور آڻڻ پرچار ۽ سجاڳيءَ جو سڏ پڻ آهي. ريگستاني قول بعد ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ’پرهہ ڦٽي‘ (1945) مجموعو اهم آهي، هن ۾ مشهور ترقي پسند شاعرن جي شاعري بہ آهي ۽ ڪهاڻيون بہ آهن. نئين دنيا ڪتاب گهر اشاعتي اداري جو مقصد ئي ترقي پسند ادب کي پکيڙڻ رهيو. پرهہ ڦٽي جي مهاڳ ۾ گوبند مالهي لکي ٿو:

> ”نيئن دنيا جي بانيڪارن اڳيان صرف هڪ مقصد آهي، دنيا ۽ هندستان جي ٻين پرانتن جي ترقي پسند اديبن جي تصنيفن کان سنڌ جي عوام جنتا کي متاثر ڪري منجهن اصلي سنڌي ترقي پسند ساهتيہ Original progressive Sindhi Literature پيدا ڪرڻ لاءِ چاهہ وڌائڻ“.(6)

هن مجموعي ۾ پهرين شيخ اياز جي شاعري ڏنل آهي. ان بعد رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻي ’انساني مرغي‘ نالي سان ڏنل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪ بنگلي اندر هڪ آفيسر هٿان لاچار بيوس ۽ غريب عورت جي عصمت وڪامي ٿي، جيئن تہ عام مرغيءَ جي قيمت آهي، پر زينت جي غربت جي سبب ڪابہ قيمت ناهي. مرغيءَ جي

گوشت جيان، هن انساني مرغيءَ کي بہ صاحب وٽ عياشيءَ لاءِ چند ٽَڪن عيوض پيش ڪيو ويو آهي. ’متي مائٽي‘ ڪهاڻي آنند گولاڻيءَ جي لکيل آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع شاديءَ جي موقعي تي ڏيتي ليتي واري رسم آهي، ڇوڪريءَ جي مائٽن کان ڳري رقم جي طلب ڪئي ويجي ٿي. مٺنا پنهنجي لاءِ هزارن جي گُهر ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي ٿي. هن ۾ خاص ڪري عورتن کي هڪ طرف رقم ڏيڻ گهٽ وڌ جي صورت ۾، سڄي زندگي مهڻا ڪائڻ ۽ ذلت ۾ رهڻ واري احساس کي ڪردارن جي ذريعي پيش ڪيو ويو آهي.

’عيش جي قيمت‘ ڪهاڻي سُڳن آهوجا جي لکيل آهي. ڇوڪريءَ جو پيءُ زيور جوڙائي ڏيءَ کي پرڻائي، سندس سڱ ڪنهن چڱي چوکي هنڌ ڪرائڻ جا خواب لهي ٿو ٻئي طرف سندس ڌيءَ چندري، پاڙيسري ٽانگي واري مورؤ سان نينهن اٽڪائي ويهي ٿي، جيڪو ڪيس ڇڏن ڏينهن جي عيش لاءِ گهران ڀڄائي ويو. نتيجي ۾ پيءُ آئل مل خودڪشي ڪري ڇڏي، هيڏانهن مورؤ چندريءَ جا سڀ زيور جوا ۾ هارائي ڇڪو هو ائين نوجوان ڪردار جيڪي ٿوري عيش خاطر وڏي قيمت ٿا ڏين، اهڙن ڪردارن جي هي ڪهاڻي آهي. ’رام راج‘ ڪهاڻي ڀڳوان ٻيچڻن جي لکيل آهي، اهم ڪردار شانتا جو آهي. جنهن سان ڪاليج ۾ اوباش ڇوڪرن ساڻس ڇيڙ ڇاڙ ڪئي، پاڻ به منهن تي چماٽ وهائي آين، جنهن تان پاڙي ۽ شهر ۾ سندس وڏي خواري ٿيڻ لڳي، ڪنهن بہ سندس حوصلا افزائي نہ ڪئي، ڪانگريس ۾ شامل ٿي سماجي ڪارڪنن سان گڏجي قومي ڪمن ۾ لڳي وئي، هن ۾ حوصلو ۽ خود اعتمادي موٽي آئي ۽ هوءَ انقلاب جي راهہ تي هلڻ لڳي.

’نيلو‘ گوبند پنجابيءَ جي انتهائي ڏکوئيندڙ ڪهاڻي آهي. پورهيت جانڪي روڊ تي پٿر ڍوئيندي ٺيڪيدار جي ڍپ ڪان ڪم ۾ لڳي رهي، هوڏانهن جنهن لاءِ ويم جي پندرهين ڏينهن اڇي پٿرن جو پورهيو ڪيو هئائين ۽ وڻ هيٺان ڪائين جي جُهولي ۾ ٻار کي سمهاري اچي پورهئي ۾ لڳي هئي، پر ٻار اتي نہ هو. پريان مزدورن ڏٺو ڪتا ٻار کي ڇيري ڦاڙي کائي رهيا هئا، هوءَ رڙيون ڪري ان طرف ڊوڙي، پر جمعدار مزدورن کي دڙڪا ڏئي ڪم تي لڳائي ڇڏيو. مقصد تہ: غريب ۽ ٻي پهچ ۽ محنت ڪش انسان جي زندگي نوڪرن ۾ ۽ سندس نسل ڪتي جي وات ۾ آهي، جڏهن تہ سرمائيدارن جي ڪردار جا اهڙا انسانيت کي لڄائيندڙ ڪارناما سندن ظلم جا ثبوت آهن. ليکڪ ڪميونزم ۽ سوشلسٽ فڪر ذريعي اهڙي ڪردار کي تخليق ڪيو آهي، جيڪو سماج کي جنجهوڙي جاڳائي.

’بي نڪو‘ جيوت نرياڻي جي ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار سندريءَ اها حقيقت ظاهر ڪئي آهي تہ اهو انسان بي نڪو ناهي، جيڪو عورت کي آزادي ڏي ٿو. مردن جي سماج ۾ ڪاروهنوار ۽ نوڪري وغيره ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ٿو، پر اصل بي نڪو اهو آهي، جيڪو عورت تي تشدد ڪري سندس آزادي بہ ختم ڪري ٿو تہ ڪيس ماءُ پيءُ جي گهران سدائين رقم آڻڻ لاءِ مجبور بہ ڪري ٿو. ’ڪتي جو موت‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڪرشن ڪتواڻي هڪ مجبور بيوس بک ۽ ڏڪار جو شڪار خاندان جي هڪ سُلڇڻي ٻار جي ڪردار جو نقش چٽيو آهي، جيڪو زماني هٿان بي درديءَ سان مري ٿو پوي، پر ڪنهن کي بہ ڪا پرواهہ ناهي، ڄڻ ڪو جانور مري ويو.

’پرديسي پريتم‘ ۾ سوڀي گيانچنداڻي هڪ چيني نوجوان سن فوءِ جي محبت جي ڪهاڻي لکي آهي. ڪملا هن کي بلڪل جواب ڏئي ڇڏيو تہ هوءَ ساڻس ڪڏهن بہ محبت نہ ٿي ڪري سگهي، ’ٽي سال ٽيپ‘ ڪهاڻي عيشي وديارٿي جي لکيل آهي. مهاڀاري لڙائي دوران روس ۽ چين جي مدد ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان وابستگيءَ جو احوال ۽ جيل جا مختلف تجربا پيش ڪيا ويا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد ۽ سماجي انساني برابري واري فڪر لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪردار جي زندگيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.

’هاري حقدار‘ گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اپوجهہ هارين ۾ سجاڳي آڻيندڙ ڪردار عبدالقادر، جيڪو اليڪشن ۾ بيهي ٿوپر هارائي وڃي ٿو، ٻئي پاسي مير وڏيرو ڪٽي وڃي ٿو. رحيم هاري حقدار پارٽي کي ووٽ ڏنو هو، هارائڻ باوجود سندس ضمير مطمئن هو، ووٽ ذريعي تبديلي، سيد ۽ وڏيري جي ڪردار جي مڪاري ۽ چالاڪي ٻئي پاسي عام سماجي ڪارڪن هارين جي اڳواڻ جي مخلص ڪردار کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هي سڄو مجموعو ترقي پسند فڪر سماجي انڻ برابري، پورهيتن سان ٿيندڙ ظلم جي داستانن سان ڀريل آهي، ڪردار جيڪي اهڙي نظام ۾ پيهجي رهيا هئا، انهن جي زندگيءَ جون حقيقتون پيش ڪيون ويون آهن. هيءَ ڪهاڻي گوبند مالهي تنهن دور جي مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ عبدالقادر ميوي تي لکي هئي. ان دور جي مڪمل عڪاسي پوي ٿي.

1947ع ۾ زندگي پبليڪيشن ڪراچيءَ جي بانيڪار ٻهاري لال ڇاٻڙيا ’سنڌي ڪهاڻيون‘ نالي مجموعو شايع ڪرايو جنهن ۾ سماجي حالتن، سياسي اٿل پٿل، ڪميونسٽ فڪر ۽ ترقي پسند سوچ کي هٿي ڏني وئي هئي، هي زندگي پبليڪيشن جو پهريون ڪتاب هو جنهن ۾ پهرين ڪهاڻي آسانند مامتوراءِ جي

’ڪڪي‘ شامل ڪئي وئي آهي. ڪهاڻي عورت ۾ اڀرندڙ جنسي احساسن کي پيش ڪري ٿي، پر وري حالتن سان ناهه ڪري صبر ۽ ممتا جي احساس ۾ اهو جذبو سانتيڪو ٿي وڃي ٿو. ان بعد ’رفيق‘ ڪهاڻي شيخ اياز جي شامل آهي، نجمه ۽ موهن جي محبت ۽ قومي ڪم ڪارين ۾ حصو وٺڻ انسانيت جي خدمت ڪرڻ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو خاص مقصد ڏيکاريو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ مائٽ نجمه کي موهن کان روڪين ٿا ۽ هُن تي تشدد به ٿئي ٿو پر هوءَ موهن کي نٿي ڇڏي. مذهبي فرق کي مٽائي محبت کي اعليٰ ڏيکاريو ويو آهي. ’غم جي ڪهاڻي‘ گوبند مالهي لکي آهي. ريل ۾ ڪيس هڪ مسافر پنهنجي غم جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن انگريز سپاهين گهرن ۾ گهڙي سندس ڀيڻ ۽ زال جي عصمت لٽي ۽ ان واقعي سبب هو ٻئي مري ويون. ڪهاڻيءَ ۾ قابض انگريز جي ڏاڍ جي انتها ڏيکاري وئي آهي. ’نئون زمانو‘ ڪهاڻي لڇمڻ راجپال جي لکيل آهي. جنهن ۾ بنگال ۾ آيل ڏڪار جو منظر پيش ڪيو ويو آهي. ڪرشن جيڪو ظاهر مذهب پرست هو ڏڪار واري حالت ڏسي دوستن سان گڏ انسانيت جي خدمت ۾ لڳي ويو. ظاهري مذهب پرست سياستدانن جي ڪردار کي به هنن حالتن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري نئين زماني جي تقاضا مطابق انسانيت جي خدمت ۽ دردکي محسوس ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽ فڪر جي وڌيڪ گهرج ڏيکاري ويئي آهي.

’سرحد‘ ڪهاڻي رام امر لعل پنجواڻيءَ جي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ انقلابي دوست سرحدن کي بناوٽي سمجهن ٿا ۽ ايندڙ انقلاب سيني کي برابر ڪري ڇڏي، اهڙي حسرت رکن ٿا. ’منجري ڪولهڻ‘ ليکو تلسياڻي جي مشهور ڪهاڻي آهي، منجريءَ ۾ ڪجهه ڪرداري خوبيون موجود آهن. منگها رام ملڪاڻي هن باري ۾ لکي ٿو:

”ليکو تلسياڻي جي منجري ڪولهڻ منهنجي نظر ۾ هن دؤر جي هڪ عاليشان آکاڻي هئي ۽ هڪ گهٽ ذات عورت جي امنگن بابت نفيس پر بيباڪ نوع ۾ لکيل هئي.“ (7)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ان دؤر ۾ پنهنجي مطالعي جي آڌار تي هي راءِ ڏئي ٿو:

”منهنجي مطالعي مطابق ليکو تلسياڻيءَ جي منجري ڪولهڻ موضوع ۽ اسلوب ۾ ان دؤر جي هڪ بهترين ڪهاڻي آهي.“ (8)

هن ڪهاڻي ۾ ٻن ڪولهي ذات جي پريمين جو چٽ چٽيل آهي، سندس سونهن کي هن طرح پيش ڪيو ويو آهي.

”هڪ وڏي نِم جي وڻ هيٺان منجري ويٺي هئي، ڇوري هئي سا خسيس ڪولهڻ، پر ڇوريءَ جي اکين ۾ ڪامڻ هئا، بدن ۾ مقناطيسي ڪشش هئس، ايندڙ ويندڙ جي نگاهه ڏانهس ضرور ڇڪجي وڃي، شايد اڳين جنم ۾ ڪا شهزادي هئي، پرين جي شهزادي.“ (9)

منجريءَ جي محبت هڪ نوجوان ايسري نالي سان هئي، جيڪو جسم ۾ هڪ سگهارو ۽ غريب نوجوان هو. ڪورٽ ۾ منجريءَ جي مڙس ايسري تي زال کي ورغلائڻ ۽ کڻڻ جو ڪيس ڪيو هو پر ڪورٽ ۾ منجري سڀ پنهنجي سر الزام ڪنيا، مڙس جي اجائي تشدد سبب ۽ ايسري جي مضبوط جسم کان متاثر ٿيڻ بعد هوءَ پاڻ مڙس کي ڇڏي هن ڏانهن هلي وئي هئي. جج حقيقت کي سمجهڻ باوجود ايسري کي ٽي مهينا جيل موڪليو. ٻنهي جو هڪ ٻئي ۾ اعتماد هوسزا ملڻ باوجود پاڻ کي سوڀارو سمجهي رهيا هئا.

’پيٽ‘ عنوان سان ڪهاڻي پون پنجواڻيءَ جي لکيل آهي. فطرت جي حسين نظارن کان عورت جي سونهن کي وڌيڪ ۽ سرس ڏيکاريو ويو آهي. ’هوءَ‘ ڪهاڻي جو ليکڪ ڪيرت ٻاٻاڻي آهي. ڪهاڻي ۾ هڪ عورت جيڪا پنهنجي گهر ۾ ور سان نهايت خوشحال، پرسڪون ۽ محبت ڀري زندگي گذاري رهي هئي، اچانڪ ملڪ ۾ ٿيندڙ فرقيواريت جي فسادن ۾ سندس مڙس مارجي ويو، سندس دنيا اجڙي وئي. پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار خاطر پنهنجي ٻه جيئڻ جي خواهش سجاڳ هئي، پر دنيا جون ٺوڪرون ۽ ذلتون ڏسي هاڻي ان ٻار خاطر ئي مرڻ کي ترجيح ڏني. ’هوءَ تيز هلڻ لڳي‘ ڪهاڻيءَ ۾ بيگناهه ڪردارن جي ڪرب ۽ تڪليف کي فنڪارانه انداز ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي.

1947ع ۾ شيخ اياز ’اسان جي سنڌ‘ نالي مختلف ڪهاڻيڪارن جو ڪهاڻيون ڪراچيءَ مان شايع ڪرايون- هن مجموعي ۾ چار ڪهاڻيون شامل آهن: ’سائو سوٽ‘، ’موهن پنجابي‘، ’پاڙيسري‘ شيخ اياز، ’هراس‘ رام امر لعل پنجواڻي ۽ ’دشمن ڪير‘ ڪيرت ٻاٻاڻي شامل آهن، سڀ انگريزن جي دؤر جي هنگامن ڀرئي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ آهن. هندو مسلم اتحاد ۽ اصل سامراج قوتن کي پيش ڪيو ويو آهي. اسان جي سنڌ نالي سان شيخ اياز سجاڳي، اتحاد ۽ قومي تشخص تي ڀرپور بيباڪ ٿي مهاڳ لکيو آهي. ڪهاڻين جي مقصد بابت لکي ٿو:

”هي آکاڻيون انهيءَ محبت، اتفاق، حب الوطني ۽ بغاوت جو نتيجو آهن. اڄ اسين ترقي پسند اديب هن سماج جي جهوني تصور ۽ رجعت پسند خيالات سان ٽڪر کائي رهيا آهيون. جو سياست حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي آهي تنهن کي ساهتيہ سمجهائڻ لاءِ نڪتي آهي. اميد تہ هيءَ ڪوشش وئڙت نہ ويندي ۽ نئين زندگي ۽ نئون نظريہ پيدا ڪندي.“[10]

شيخ اياز ’باغي منڊل‘ سلسلي جو بنياد وڌو هو جنهن جي سِري هيٺ سندس مجموعو ’سفيد وحشي‘ اپريل 1947ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سندس پنج ڪهاڻيون شامل آهن. بعد ۾ ’پنهل کان پوءِ‘ نالي سان سندس سموريون ڪهاڻيون ان ۾ شايع ٿيون، جيڪي هن ورهاڱي کان اڳ ۽ انهيءَ دؤر ۾ لکيون ويون، سندس جاري ڪيل ٻئي اهم ترقي پسند رسالي ”اڳتي قدم“ ۾ بہ سندس بهترين ڪهاڻيون شايع ٿيون. هنن ڪهاڻين مان ’ڪلٽي‘ بهترين ڪرداري ڪهاڻي طور مشهور ٿي. شيخ اياز جي ’سفيد وحشي‘ مجموعي ۾شامل پنجن ڪهاڻين جو اڀياس هيٺ ڏجي ٿو:

”مهاڳ“ شيخ اياز پاڻ لکيو آهي، مهاڳ ۾ پنهنجو فڪري نقطہ نظر هن طرح بيان ڪيو آهي:

”مان نہ پاڪستاني آهيان نہ اکنڊ هندستاني، نہ سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند، نہ انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل، نہ ساهتيہ جي جهوني يڪ رنگ جو قائل، نہ ڊونگي ترقي پسندن جي جنسي (sexual) اگهاڙپ جو مشتاق. منهنجي راهہ الڳ آهي، منهنجو سياسي سماجي تصور علحدو آهي، منهنجا خيال ۽ احساس امنگ ۽ اڌما هر ڪنهن رڪاوٽ کي ٽڪرائيندا پنهنجو رستو تلاش ڪندا آهن ۽ جي اها نہ هٽندي آهي تہ منهنجي بغاوت بہ رتيون زور ٿي ويندي آهي. پوءِ اها رڪاوٽ سماج هجي يا سياسي طاقت، مذهب هجي يا رسمون روايتون، ’ترقي پسند يا غير ترقي پسند‘ پنهنجو فڪري نظريو واضع ڪري ڇڏيو آهي، هو محض ڪنهن اصول يا فڪرجي پورائي لاءِ نٿو لکي. پر سماج جي حقيقي مسئلن کي پنهنجي ضمير جي روشنيءَ ۾ پرکي انهن کي پيش ڪري ٿو. ڪردارن کي فطري رنگ ۾ پيش ڪري ٿو“.[11]

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’ڪارو رنگ‘ آهي. ’ڪارو رنگ‘ عنوان سان مجموعي جي پهرين ڪهاڻيءَ ۾ اياز عورت جي ڪردار جي اصل عظمت کي وائکو ڪيو آهي. دنيا جي هر سماج ۾ انساني ڪردار جي عظمت ان جي وفاداري، فرض شناسي سچائيءَ ۽ عزت ۽ غيرت جي حفاظت ۾ لڪل هوندي آهي، جيستائين اعليٰ اخلاقي گُڻ ۽ معيار شخصيت ۾ موجود هوندا اهو ڪردار پنهنجي پوري عظمت سان نظر ايندو. جيئن ئي انسان پنهنجي ڪردار کان ڪِريو ته جڻ هن پنهنجو سڀ ڪجهه وڃايو. ظاهري سونهن ايتري اهميت نٿي رکي، جيتري اندر جي سونهن رکي ٿي. اياز هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪاري رنگ واري اهڙي عورت جو ڪردار چٽيو آهي، جيڪا شروع ۾ ظاهري شڪل جي ڪاري ڪوجهي هوندي به پنهنجي اخلاقي حدبندين ۽ پنهنجي اندر ۾ جاڳندڙ سُندر احساسن جي ڪري هوءَ الڳ حيثيت واري آهي. پر هن جي ڪردار ۾ سونهن آهي. وڏي ڳالهه ته اهو ساڳيو ڪردار جيڪو ظاهري طرح ته رنگ جو ڪارو ڪٺ هو پر سندس ضمير جڻ ته سون هو جڏهن اهو ساڳيو ڪرادر اخلاقي حدبنديون ٽوڙيون، بي حيائي ۽ بدڪاريءَ تي لهي آيو ۽ پنهنجو سمورو سُپاءُ تبديل ڪري ڇڏيائين ته پوءِ سندس ڪردار جي اصل بدصورتي ظاهر ٿي.

”پهريون دفعو مون کي سندس ڪارو رنگ بدصورت لڳو“ جڻ هوءَ ڏائڻ ٿي لڳي ڪاري ڏائڻ، رستي تي مون کي چوڪيدار ٻڌايو ته هوءَ ڏاڍي ڪري پئي هئي لڪي لڪي رات جو ٻئي ڪوٺي تي هلي ويندي هئي، جتي هڪڙو ايس.ڊي.او رهندو“. (12)

انهيءَ جملي مان اياز وٽ ڪردار جي عظمت ۾ مقام به ظاهر ٿئي ٿو ته اصل احترام جي لائق انسان جو کهڙو روپ آهي. دراصل سماج ۾ اسان کي اهڙا ڪيترائي ڪردار نظر ايندا، جيڪي معاشري ۾ پنهنجي اصل مقام، عزت، غيرت ۽ ضمير کي وڪڻي بيحيائيءَ ۽ بڇڙائي تي لهي اچن ٿا، جنهن ڪري انهن جي ڪا به عزت يا حيثيت نٿي رهي، اهي اياز جي هن ڪردار جيان جڻ ڪوڙهه جا مريض ٿي پنهنجي حياتي وڃائي ويهن ٿا. اياز جي هن مجموعي ۾ شامل ’رولو‘ ڪهاڻيءَ ۾ رياض نالي هڪ شاعر ۽ اديب جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي. رياض زندگيءَ جي مختلف رنگن ۽ روين کي ڏسي ٿو سندس اندر ۾ عورت بابت جمالياتي احساس ظاهر ٿين ٿا. هن ڪردار جو تعارف ڪرائيندي اياز لکي ٿو:

”هو هڪ سيلاني هو ادبي رولو. ڪڏهن ڏس ته شاهه جي پٽ تي ڪلام ڳائيندو جهولندو نظر ايندو. ڪڏهن گنجي ٽڪرتي ڪنهن

خيال ۾ سوچيندو نظر ايندو، جڻ ڪنهن پارس جي ڳولا ۾ نڪتو آهي“.(13)

هي هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو زندگيءَ جي سونهن ڳوليندو رهي ٿو. هو مختلف هنڌن تان مختلف آزمودا پرائي ٿو انهيءَ مسافري ۾ به محبت آهي. ترقي پسند اديبن نوان فڪر، اصول ۽ نظريا سامهون آندا، اظهار ۾ وسعت آئي، ڌرتي ۽ انسانن سان محبت جو جذبو اڀريو اياز جو هي ڪردار به اهڙو ئي هڪ سماج جو ڪردار آهي، جنهن ۾ ليکڪ جو پنهنجو عڪس به جهلڪي پيو. رولو جو ڪردار ڪو عام رولو ناهي بلڪ سونهن سچائي، محبت ۽ سماجي ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ هڪ پڙڪندڙ ڪردار آهي، جيڪو فرسوده نظام ۽ قديم روايتن کان سخت نفرت ڪري ٿو.

’شرابي‘ ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز جنهن ’شرابي‘ ڪردار کي بيان ڪيو آهي. اهو هڪ حقيقت شناس انسان آهي، بيحد حساس، سوچيندڙ ڪردار آهي، هو ڪائنات جي وسعتن تي ۽ تخليق تي غور ڪندو رهي ٿو. شيخ اياز جو هي ڪردار وجودي فلسفي ۽ فڪر سان لاڳاپيل آهي، جيڪو پنهنجي وجود جي اندروني، پيچ ڏاهه، سوچ ويچار ۽ احساسن ۾ گم رهي ٿو. دنيا جي حقيقتن کي سمجهي ٿو جنهن ڪري هو انهن مڙني رنگينين ۽ دوکي کان پري ٿي شراب ۾ سهارو ڳولي ٿو. ڏاهپ، دانائي ۽ شعور ڪڏهن انسان لاءِ زهر ثابت ٿي پوندا آهن. انهيءَ دانائي سقراط کي زهر پياريو جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي به چئي ڏنو ”الا ڏاهي مَ ٿيام ڏاهيون ڏک ڏسن“. اياز هن جي ڪردار جي وسيلي انسانن جي ظاهري ڪردار تان پردو هٽائي ٿو. اهو ثابت ٿو ڪري ته انسان ئي انسان جو ويري رهندو آيو آهي، هڪ ٻئي کي ماريندو ڦريندو لُٽيندو، چيريندو، ڦاڙيندو، وڙهندو، ويڙهائيندو، نفرتون پکيڙيندو آيو آهي. جيڪو انسان جي اهڙن روين ۽ عملن جي خلاف بغاوت ڪري ٿو اهو به بچي نٿو سگهي، ان کي به سزا ڏئي ماريو ٿو وڃي. ڪو ان کي سمجهڻ ئي نه چاهيندو آهي، آخر هي ڪردار ٻليءَ جي هڪ ننڍڙي ٻلونگڙي سان همدردي ڪري ٿو. هن سان من سان ريجهائي ٿو پر اهو به ٽُٽل شراب جي بوتل جي شيشن لڳڻ ڪري زخمي ٿي مري وڃي ٿو. اياز هن ڪردار وسيلي دنيا جي درد پيڙائن ۾ تڪليفن کي واضح ڪيو آهي. هن ڪردار جي فڪر ۾ سرئيلزم واري ڪيفيت آهي.

ڪهاڻي ’نظيران‘ ۾ شيخ اياز هڪ لاوارث، يتيم نياڻيءَ جي درد جي ڪٿا بيان ڪئي آهي. موجوده دور ۾ ميڊيا جي عام ٿيڻ ڪري ڪيترائي اهڙا ڪيس سامهون ايندا رهن ٿا، جن ۾ نظيران جهڙين عورتن جا ڪردار نظر اچن ٿا. انهن تي

ظلم ۽ تشدد ٿيندو رهي ٿو سگريٽن سان ڏنڀ ڏيڻ، مٿي جا وار ڪوڙڻ، جيئري باهه ۾ ساڙڻ، جسم تي تيزاب هارڻ ۽ ڪارنهن جو الزام هڻي بندوق جا فائر ڪري ماري ڇڏڻ ۽ ڪيترين ئي ٻين اذيتن ڏئي ڪين ماريو وڃي ٿو. اياز جي هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار نظيران به هڪ اهڙو ئي ڀوڳيندڙ ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي وَر جون اذيتون برداشت ڪندي، چپ چاپ دنيا کي الوداع ڪري ٿو. اياز جي هيءَ ڪهاڻي سماج جو عڪس چٽي ٿي، وڏيرن جي اوطاقن تي جتي ڀَنگ جا ڪونڊا گهوٽجندا رهن ٿا ۽ ڳوٺ جا واندا ۽ بيڪار ماڻهو اچي پيئندا رهن ٿا، نتيجي ۾ نه صرف انهن جي زندگي تباهه ٿئي ٿي، بلڪ انهن سان لاڳاپيل رشتا پڻ سخت تڪليفون ۽ مصيبتون ڀوڳين ٿا. جيئن هن ڪهاڻي جو ڪرادر عبدالغفور ڀَنگ جي نشي ۾ چُور ٿي اچي پنهنجي گهر واري کي ماريندو هو. شيخ اياز اهڙن ڪردارن کي پنهنجي ظلم جو احساس ڏيارڻ لاءِ ڀڇتاءَ جو عنصر شامل ڪيو آهي، جيئن عبدالغفور اخبار ۾ چينين جي پاڻ ۾ وڙهڻ واري خبر پڙهي سوچي ٿو ته ماڻهو هڪ گهر ۾ گڏ رهي پاڻ ۾ ڪيئن ٿا وڙهن. ساڳئي وقت کيس نظيران جي وفاداري جو احساس به ٿئي ٿو. ڪيئن کيس هو ماريندو رهندو هو. اياز پنهنجي ڪردارن ۾ سماجي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن معاشري ۾ بهتر تبديلي اچي سگهي ۽ مظلوم کي ڪجهه انصاف پلئه پوي. اياز جي ڪهاڻين لکڻ وارو دور هندستان ۾ وڏي اُٿل پُٿل وارو دور هو. هندو مسلم فساد انگريزن جون سازشون چوٽ چڙهيل هيون. پنهنجي دور جي حالات جو عڪس ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سندس هر ڪهاڻي ۾ موجود آهي. ’سفيد وحشي‘ ڪهاڻي هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل۽ انگريزن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف انگريز سامراج جو ڪردار آهي ته ٻئي طرف هتي جي سجاڳ ذهن ۽ باضمير ۽ غيرتمند فردن جو ڪردار آهي، جيئن صديق هڪ اهڙي سڌي سادي ملاح جو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي گذر لاءِ مڇين جو شڪار ڪري ٿو. هو جهاز تي انگريزن جو خلاصي ٿيڻ يا ڪنهن به صورت ۾ سندن غلامي قبول نٿو ڪري، ٻئي طرف ترقي پسند تحريڪ جي زير اثر نوجوان آهن، جيڪي سماج ۾ شعور پيدا ڪن ٿا. انگريزن جي چالبازين کان ماڻهن کي واقف ڪرڻ لاءِ مختلف ميڙاڪا ڪن ٿا،اياز ان دور جي عوامي سجاڳي وارو ڪردار ادا ڪندي ۽ حالتن جي ترجماني ڪندي لکي ٿو:

”اسين هندستاني پنهنجا جائز حق گهرون ته اسان کي گوليءَ سان اڏايو وڃي، اسين جي ظلم ۽ بي انصافي خلاف آواز اٿاريون ته اسان

ڪي ٽيئر گئس هلائي چڙوچڙ ڪيو وڃي ، آخر هي انگريز هي سفيد وحشي ڪيسين هندوستاني جنتا جو خون وهائيندا ڪيسين ...“ (14)

شيخ اياز هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ غريب ۽ مجبور جي ڪردار کي به اياز سامهون آندو آهي، جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ ’گلان‘ ۽ سندس پيءُ جو ڪردار آهي. گلان جيڪا صديق جون اڇلايل ننڍڙيون مڇيون کڻي ويندي هئي، جيڪا ڄانورن سان پچائي کائيندا هئا. سندس پيءُ هوٽل جي ٻاهران ڪوڏ وڪڻندو هو. صديق ۽ گلان جي محبت فطري ماحول مطابق ٿي وڃي ٿي.

”صديق جهڙي ارڏي ڪردار جي زندگي جيڪا محبت کان خالي هئي ان ۾ هاڻي محبت جا رنگ شامل ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. پر انگريز سامراج جي ظلم هتي جي پرسڪون زندگي ۾ ڄڻ باهه ٻاري ڇڏي هئي. انهن کي هندستان ۽ هندستانين کان سخت نفرت هئي، انقلابين عوام ۽ صديق جهڙن عوامي ڪردارن کي انهيءَ حقيقت کان آگاهه ڪيو ته اهي گورا سفيد وحشي آهن، جيڪي اسان کي تڇ پيا سمجهن. انگريزن هندستان نالي جهاز کي باهه ڏئي انقلابي جذبن کي ڀڙڪائي ڇڏيو. ملڪ ۾ فساد ڀڪڙجي ويا. انگريزن خلاف سخت نفرت شروع ٿي ، اهڙين حالتن ۾ صديق جو پاءُ به زخمي ٿي پيو. هو ان جي ڳولا ۾ رهيو ڪيس اوچتو گلان جو خيال آيو ته هن کي مڇي نه ڏئي سگهيو هو. جڏهن گلان جي گهر مڇي کڻي پهتو ته هڪ اهڙو منظر سندس اکين اڳيان هو جو هو جوش ۾ ڀرجي ويو. اندر ٻه گورا سولجر بيٺا هئا، هڪڙي گلان کي ٻانهن ۾ جهليو هو ۽ سندس منهن چمي رهيو هو. فائيو رپيزناٽ مور“ يعني (پنج روپيا وڌيڪ نه) گلان جو پيءُ ٽتل ڦتل اڙدو ۾ چئي رهيو هو نهين صاحب پانچ نهين سب دس دي جاتي هين (نه صاحب پنج نه ڏهه سڀ ڏئي ڏئي ويندا آهن ”. (15)

صديق انهن جي وحشت کي محسوس ڪيو ۽ صدريءَ مان مڇيءَ کي چيرڻ وارو تيز چاقو ڪڍي انهن جي پيٽ ۾ وهائي ڪڍيو ۽ اهي سفيد وحشي آدمخور جيان ڦٽڪڻ لڳا. شيخ اياز جي هي تاريخي ڪهاڻي آهي، انگريز جيڪي قابض ۽ غاصب ٿي آيا، انهن جي ظلم جو داستان آهي. انهن جو اصل ڪردار جو آئينو آهي. ٻئي طرف ظلم سان مهاڏو اٽڪائيندڙ ڪردار آهن، جن ۾ ٻين انقلابي نوجوانن سان گڏ صديق جهڙو عام ڪردار به آهي، جيڪو هوندئن ته پنهنجي طبعيت ۾ آزاد خيال ۽

گم سم آهي، پر جڏهن ڏرتيءَ تي ظلم جا ڪارا ڪڪر ڇانئجن تا تہ هوبہ وجي انقلابين جي سٿ ۾ شامل ٿئي ٿو. انگريزن هتي دولت لُٽي بيگناهہ انسانن کي ماريو، عورتن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو. غريب ماڻهن کي ايترو مجبور ڪيو جو هو پنهنجون عصمتون وڪڻي پيٽ پالڻ لڳا. اياز اهڙي صورتحال ۾ اُڀري آيل مختلف سماجي ڪردارن جي صحيح تصوير پيش ڪئي آهي.

شيخ اياز جي ڪهاڻين جا سمورا ڪردار فطرت سان هم آهنگ آهن، ڪٿي بہ انهن ۾ مصنوعيت ظاهر نٿي ٿئي. ليکڪ جي مرضيءَ مطابق نٿا هلن بلڪہ پنهنجي فطري اصولن مطابق ئي عمل ڪن ٿا. اياز پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند فڪر کي ظاهر ڪيو آهي، سماج جي اصل حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. سندس نثر ۾ بہ شاعراڻو ترنم آهي، خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا موجود آهن. ٻوليءَ جي حسناڪي، لفظن جو ذخيرو بہ سندس خاص خوبين ۾ شامل آهي. اياز جا ڪردار تاريخي ۽ اهم سماجي حيثيت جا حامل آهن

**نتيجو:** سنڌي ڪهاڻيءَ جي پيڙهہ جو پٿر 1914ع ۾ رکجي چڪو هو 1930ع ، ۾ جديد سنڌي ڪهاڻي پختي ۽ مثالي صورت حاصل ڪئي، ماهوار رسالن ۾ طبعزاد ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون گڏوگڏ ترجمن تي بہ گهڻو زور رهيو اردو بنگالي، هندي ۽ انگريزي ٻوليءَ تان اهي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ويون آهن، جيڪي اخلاقي ۽ سماجي سڌاري تي گهڻو زور ڏين ٿيون. ليو ٽالسٽاءِ، رابندر ناٿ ٽئگور، ميڪسيم گورڪي، انٽوني چيخوف ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۽ عام قصن کي ترجمو ڪيو ويو. اهڙو اثر طبعزادڪهاڻيڪارن تي بہ رهيو. هي دؤر سخت ڇڪتاڻ وارو رهيو. عالمي جنگ کان پوءِ بک، بدحالي ۽ ڪوٽ منهن ڪڍيو. جڏهن تہ مذهبي ڇڪتاڻ، مسجد منزل گاهہ وارو واقعو، سيٺ نائونمل جو ڪردار، انگريزن کان جاگيرون وٺي وفاداريون ڪندڙن جا ڪردار، سرڪاري ڪامورا ۽ وڏيرا، عام پورهيت غربت جي لڪير کان هيٺ هليو ويو جنهن ڪري 1942ع کان پوءِ جيڪي بہ مجموعا شايع ٿيا آهن. انهن ۾ اهڙا ڪردار تخليق ٿيا، جن ڀرپور مزاحمت ٿي ڪئي، هندو مسلم اتحاد تي ذور ڏنو. هن دؤر جا ڪردار اشتراڪيت واري فڪر کي ظاهر ڪندڙ انقلاب ۽ آزادي جا حامي ۽ سرمائيدارن خلاف مزاحمت ڪندڙ آهن. مٿي ذڪر ڪيل مجموعا طبعزاد توڙي ترجمي جي صورت ۾ 1942ع کان اڳ بہ شايع ٿي چڪا هئا . پر انهن شامل ڪهاڻين ۾ اڪثر موضوع اخلاقيات . سماجي اوڻاين تي ۽ بعد جي مجموعن ۾ اظهار جي وسعت، مقامي ۽ بين الاقوامي فڪر جا موضوع نمايان آهي.

## حوالا


1. ملڪاڻي، منگھارام، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد، 2007ع، ص 62
2. پنجابي، گوبند، سرد آھون ،نئين دنيا ڪتاب گھر شڪار پور مهاڳ، 1942ع
3. ساڳيو ص5 .
4. آگرو،غلام رباني، سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر،سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2013ع، ص75.
5. مالهي، گوبند، ريگستاني ڦول، نئين دنيا ڪتاب گھر ڪراچي، مهاڳ، 1944ع،
6. مالهي، گوبند، پرھ ڦٽي ،نئين دنيا ڪتاب گھر، 1945ع
7. ملڪاڻي، منگھارام، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد، 2007ع، ص 65.
8. عرساڻي، شمس الدين ڊاڪٽر، آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1982ع، ص 201.
9. تلسياڻي ،ليکو، سنڌي ڪهاڻيون (منجري ڪولهڻ) مرتب بهاري ڇاٻڙيا، زندگي پبليڪيشن، 1947ع، ص 74.
10. شيخ اياز، اسان جي سنڌ، باغي منڊل، جنتا پرنٽنگ ورڪس هندستاني ساهتيہ آستان ڪراچي، 1947ع ص 12 .
11. شيخ اياز، سفيد وحشي (ڇاپو ٻيو) سورهيہ پبليڪيشن ڪراچي، 1972ع، ص 06.
12. ساڳيو ص 19 .
13. ساڳيو ص 22 .
14. ساڳيو ص 42.
15. ساڳيو ص 43 .